# ڪجھ اعتراضن جا جواب

مؤلف : شيخ نجم الدين طبسي

مترجم: نجف علي لغاري

ناشر: ابو طالب(ع) انٽرنيشنل اسلامڪ انسٽيٽيوٽ
لاھورپاڪستان

# جملي حق محفوظ آهن


ڪتاب جو نالو: ــــــــــ ڪجھ اعتراضن جا جواب

ليکڪ: ــــــــــ شيخ نجم الدين طبسي

سنڌيڪار: ــــــــــ نجف علي لغاري

تصحيح :........................ معشوق علي مهدوي

تعداد: ــــــــــ 5000

ڇاپو: ــــــــــ. پھريون نومبر 2012

ڇپائيندڙ:ــــــ ابوطالب(ع) اسلامڪ انسٽيٽيوٽ لاهور

پيشڪش: ــــــــــ الفجر اڪيڊمی پاڪستان


# ملڻ جو هنڌ


1. مدرسہ امام مهدي عج علي پور ونگاٽي ،نوشهروفيروز: 03337091796
2. جعفريہ ڪتابخانو شاهپور جهانيان :03073233084
3. نجف علي لغاري...09373254410


بسم الله الرحمن الرحيم

# فهرست

مترجم جو مقدمو ........................................8

مؤلف جو مقدمو.........................................9

سوال نمبر1 : سپ کان پھرين کھڙي شخص رسول خداﷺ جن جي قبر مبارڪ جي زيارت کان روڪيو؟............. 10

سوال نمبر2 : ڇا پاڻ سڳورن ﷺ جن جي قبر مبارڪ کي مس ڪرڻ يا ان جي خاڪ کي تبرڪ طور کڻڻ جائز آهي؟ ۽ ڇا اصحابن منجھان ڪنھن اهڙو ڪم انجام ڏنو.؟...... 11

سوال نمبر3 : ڇا مذاهب اربعہ جا علماء، اوليائن جي قبرن تان تبرڪ کڻڻ ۽ انهن جي قبرن کي مس ڪرڻ جائز سمجھندا هئا؟............................................. 12

سوال نمبر 4 : اهل سنت جي پنھنجن بزرگن جي قبرن مان تبرڪ حاصل ڪرڻ جو نمونو بيان ڪريو.؟................ 15

سوال نمبر 5 : ڇا غير خدا کان حاجت طلب ڪرڻ جائز آهي؟ ....................................................... 16

سوال نمبر6 : قبرن جي زيارت جي جائز هجڻ تي ڪھڙي دليل موجود آهي؟............................................... 20

سوال نمبر 7 : ( لاتشدالرحال الا الیٰ ثلاثة مساجد) ڇا هيءَ حديث قبرن تي وڃڻ کان روڪي ناهي رهي؟ ............. 22

سوال نمبر8 : ڇا هن حديث (لعن اللّٰه زائرات القبور) ترجمو:(اللّٰه پاڪ زيارت ڪرڻ وارين عورتن تي لعنت ڪئي آهي) جي باوجود بہ عورتون قبرن تي وڃي سگهن ٿيون........................................................ 24

سوال نمبر9 : ڇا انبياءعليهم السلام ۽ اوليائن جي قبرن جي پاسي ۾ ويهي نماز پڙهڻ يا دعا گهرڻ جائز آهي؟...................... 27

سوال نمبر 10 : ڇا هيءَ حديث ( خدا لعنت ڪري يهودين تي جو انهن پنهنجن وڏن جي قبرن کي مسجد بڻايو. اهڙي طرح هيءَ حديث ( پروردگار منهنجي قبر کي بُت قرار نہ ڏجان). رسول خداﷺ جي قبرمبارڪ ۽ ٻين جي قبرن جي پرسان نماز پڙهڻ يا دعا گهرڻ کان روڪي ناهي رهي؟ .. 29

سوال نمبر 11 : ڇا شريعت اسلام ۾ قبرن تي گنبذ ۽ ضريح وغيره ناهڻ کان روڪيو ويو آهي؟.................. 33

سوال نمبر 12 : ڇا هي حديث( نهیٰ رسول اللّٰهﷺ ان يجصص القبر و ان يعقد عليہ وان يبنیٰ عليہ) روضہ ناهڻ کان منع ڪري رهي آهي.؟ ........................................ 37

سوال نمبر 13 : ڇا قبرن تي چراغ وغيره ٻارڻ شرعي طور تي اعتراض جوڳو عمل آهي؟............................ 38

سوال نمبر 14 : ڇا زنده يا وفات ڪيل الله جي ولين جي قبر تي وڃي باس باسڻ جائز آهي؟........................... 39

سوال نمبر 15 : امام حسين عليه السلام جي عزاداري ۽ رسول خدا صلي الله عليه وآله وسلم جي جشن ميلاد جي باري ۾ اسلام جو ڇا نظريو آهي؟ ........................................................... 42

سوال نمبر 16 : شيعه ڇا جي لاءِ هٿ ٻڌي نماز نٿا پڙهن؟ 45

سوال نمبر 17 : نماز تراويح ڇا آهي ۽ ڇا جي ڪري اهل سنت وارا ان کي ادا ڪرڻ لاء ايترو زور پريندا آهن؟ .... 49

سوال نمبر 18 : ڇا بدعت کي سُني ۽ خراب ٻن قسمن ۾ تقسيم ڪري سگهجي ٿو ۽ سُني بدعت مان ڇا مراد آهي؟ 51 .............................................................

سوال نمبر 19 : اُهي روايتون جن ۾ بيان ٿيو آهي ته حضرت علي عليه السلام جن نماز تراويح پڙهندا هئا يا ان جي لاءِ امام مقرر ڪندا هئا، انهن کي نماز تراويح جي بدعت هجڻ وارين روايتن سان ڪيئن ڳنڍائي سگهجي ٿو؟............ 53

**سوال نمبر** 20 : **ڇا هيءُ جملو (الصلاة خير من النوم) شروع ڪان ئي آذان ۾ موجود هو يا بعد ۾ وڌايو ويو آهي؟......** 54

**سوال نمبر** 21 : **ڇا هيءُ جملو ( حي علیٰ خيرالعمل ) آذان جو حصو آهي ۽ ان کي اصحابن ۽ تابعين منجهان ڪنهن پڙهيو آهي؟......................................................** 57

بسم الله الرحمٰن الرحيم

## مترجم جو مقدمو

هن كتاب ۾ دين حق تي ٿيڻ وارن اعتراضن جا جواب تمام سهڻي نموني سان پيش كيا ويا آهن تہ جيئن پڙهڻ وارا مؤمن ڀائر حقيقت كان آگاهہ ٿي سگهن ۽ حق جي رستي كي پركي انهيءَ تي قائم رهن. اميد آهي تہ هيءُ سوالن جوابن جو ننڍڙو مجموعو سڀني دوستن ۽ ڀائرن كي پسند ايندو ۽ انهن كي پڙهي ۽ سمجهي ٻين تائين بہ پهچائيندا تہ جيئن ماڻهن جي ذهنن ۾ وينل شُبها دور ٿي وڃن ۽ بنا كنهن گهٻراهٽ جي حق جي رستي كي پروڙي ان تي قائم رهن.ان سان گڏ اسين ابوطالب(ع) انٽرنيشنل اسلامك انسٽيٽيوٽ لاهور پاكستان جا بيحد ٿورائتا آهيون جن جي تعاون سان هي كتاب اوهان ڀائرن جي هٿن ۾ آهي.

والسّلام علىٰ من اتبع الهدىٰ

**نجف علي لغاري**

## مؤلف جو مقدمو

**الحمد لله ربّ العالمين وصلّیٰ الله علیٰ محمد و اهل بيته الطاهرين سيّما الامام الثاني عشر الحجة بن الحسن العسكري** عليه السلام .

هيءُ ڪتاب ڪجهه انهن سوالن جي جوابن جو مجموعو آهي جن کي ڪلاس جي دوران بيان ڪيو ويو ۽ اختصار کي نظر ۾ رکندي اهلسنت جي معتبر ڪتابن جي حوالن سان تمام سليس انداز ۾ ترتيب ڏيندي هن کي عوام جي سامهون پيش ڪيو وڃي ٿو.

اميد آهي تہ پڙهڻ وارا مؤمن ڀائر هن جي مطالعي ڪرڻ کان پوءِ ٻين تائين بہ پهچائيندا.

نجم الدّين طبسي

22 ربيع الثاني 1422 هجري قمري

**سوال نمبر1 : سڀ کان پھرين ڪھڙي شخص رسول خداﷺ جن جي قبر مبارڪ جي زيارت کان روڪيو؟**

**جواب:** اهل سنت جو معتبر عالم دين حاڪم نيشاپوري (متوفّي 405 ھ) داؤد بن صالح کان نقل ڪري ٿو تہ: هڪ ڏينهن مروان بن حڪم هڪ شخص ڪي ڏٺو جيڪو پنهنجي رخسارن ڪي قبر مبارڪ تي رکي رازُ نياز ڪري رهيو هو. مروان ان ڪي ڳچيءَ مان پڪڙي چيو تہ: ڇا توکي خبر آهي تہ تون ڇا ڪري رهيو آهين؟ هن جي چوڻ جو مقصد هيءُ هو تہ هي پٿر ۽ مٽي آهي ان جي زيارت جو ڇا مقصد آهي؟ جڏهن مروان غور سان ڏٺو تہ اهو رسول خداﷺ جن جو پيارو صحابي جناب ابوايوب انصاريؓ هو. پاڻ جواب ۾ فرمايائين تہ آءٌ چڱي طرح ڄاڻان ٿو تہ ڇا ڪرڻ آيو آهيان؟ آءٌ ڪنهن پٿر وٽ ناهيان آيو بلڪ پنهنجي نبي ﷺ وٽ آيو آهيان مون ڪانئن ٻڌو آهي تہ دين تي ان وقت تائين نہ روئجي جيستائين ان جي حفاظت با اهل انسان ڪري رهيا هجن پر ان وقت روئجي جڏهن نا اهل انسان ان جا محافظ بڻجي ويهي رهن. تعجب جهڙي ڳالھ هيءَ آهي تہ اهل سنت جي امام حاڪم نيشاپوري ۽ علم

رجال جي ماهر امام ذهبي هن حديث کي صحيح قرار ڏنو آهي. جنهن مان واضح طور اهو معلوم ٿئي ٿو تہ اهڙي عقيدي جي ابتداء ڪندڙ بنواميہ خاص ڪري مروان بن حڪم هو جنهن کي نبي اڪرم ﷺ جن ملڪ بدر ڪيو هو.[1]

**سوال نمبر2 : ڇا پاڻ سڳورن ﷺ جن جي قبر مبارڪ کي مس ڪرڻ يا ان جي خاڪ کي تبرڪ طور کڻڻ جائز آهي؟ ۽ ڇا اصحابن منجهان ڪنهن اهڙو ڪم انجام ڏنو.؟**

جواب: جي ها! رسول خداﷺ جي نياڻي حضرت فاطمہ زهراءعليها السلام پاڻ سڳورنﷺ جي قبر مبارڪ جي مٽي کڻي پنهنجن اکين تي لڳائي ۽ ڪجھ شعر پڙهيائون.[2]

رسول خداﷺ جي صحابي حضرت ابوايوب انصاري رضي الله عنه جنهن پنهنجن رخسارن کي سندن قبر مبارڪ سان مس ڪيو.[3]

نبي اڪرم ﷺ جن جي مؤذن حضرت بلال حبشيرضي الله عنه جنهن پنهنجو پاڻ کي پاڻ سڳورن ﷺ جي قبرمبارڪ تي

---

[1]. مسدرڪ حاڪم، ج4 ص 560

[2]. ارشاد الستاري، ج 3 ص352

[3] . مستدرڪ حاڪم ج4،ص 560 وفاء الوفاء ج4 ص1404

كيرايو ۽ پنهنجي بدن كي قبر مبارڪ سان مس ڪرڻ شروع ڪيو. ( **فجعل يبكي عنده ويمرغ عليه**) [1]

**عبدالله بن عمر قبرمبارڪ تي هٿ رکندو هو.**[2]

ابن منكدر تابعي پنهنجي رخسارن كي رسول خداﷺ جي قبر مبارڪ تي رکي چوندو هو: مونكي جڏهن بہ كا مشكل پيش ايندي آهي يا ڪجھ وساري ويهندو آهيان يا زبان ۾ هبڪ پيدا ٿيندي آهي تہ حضور پاڪ ﷺ جي قبر مبارڪ تي اچي شفاء ۽ مدد طلب كندو آهيان.[3]

**سوال نمبر3 : ڇا مذاهب اربعہ جا علماء، اوليائن جي قبرن تان تبرڪ ڪڻڻ ۽ انهن جي قبرن كي مس ڪرڻ جائز سمجهندا هئا؟**

جواب: جي ها! امام احمد بن حنبل ۽ ٻيا اهلسنت جا علماء جهڙوڪ: رملي شافعي، محب الدين طبري، مكي جو معروف عالم دين ابوالصيف يماني ، زرقاني مالكي، عزامي شافعي ان باري ۾ هن ريت چون ٿا:

---

1. سير اعلام النبلاء، ج1 ص385، اسدالغابہ، ج1 ص208
2. شرح الشفاء، ج2ص199
3. سيراعلام النبلاء، ج3، ص213

1 : عبدالله بن احمد بن حنبل چوي ٿو تہ : مون پنھنجي والد کان سوال ڪيو تہ رسول خداﷺ جي منبر کي تبرڪ طور مس ڪرڻ ۽ ان کي چمڻ يا سندن قبر مبارڪ کي تبرڪ طور مس ڪرڻ ۽ ثواب جي نيت سان ان کي چمڻ جا حڪم رکي ٿو؟ ان جواب ڏنو تہ ان ۾ ڪو عيب ناهي.[1]

2 : رملي شافعي چوي ٿو تہ : پاڻ سڳورن ﷺ جن جي قبر مبارڪ يا ڪنهن ٻئي ولي خدا جي قبر تان خاڪ کي تبرڪ طور کڻڻ جائز آهي ۽ سندن قبر مبارڪ کي چمڻ يا ان تي هٿ رکڻ ۾ ڪو عيب ناهي.[2]

3 محب الدين طبري شافعي لکي ٿو تہ : قبر تي هٿ رکڻ ۽ ان کي چمڻ جائز آهي ۽ اها نيڪ ۽ صالح عالمن جي سيرت رهي آهي.[3]

تاريخ ۾ هيءَ ڳالھ ثابت آهي تہ ماڻھو نہ رڳو پاڻ سڳورن ﷺ ۽ حضرت حمزهؓ جي قبر مبارڪ جي مٽي کي تبرڪ طور کڻندا هئا پر مديني منور جي خاڪ کي بہ تبرڪ جي طور کڻي ويندا هئا. اهڙي طرح روايتن ۾ بہ

---

1. الجامع في العلل و معرفة الرّجال، ج2، ص32، وفاءالوفاء ج4، ص1414.
2. كنزالمطالب ص129.
3. اسني المطالب، ج1، ص331.

بيان ٿيو آهي تہ مديني منور جي خاڪ هر قسم جي درد ۽ ڪوڙهہ وغيره جي لاء شفاء آهي.

زرڪشي چوي ٿو تہ : حرم شريف جي خاڪ ڪڍڻ کان روڪيندڙ روايت حضرت حمزه جي قبر جي خاڪ ڪڍڻ جي جائز هجڻ کي جدا ڪيو آهي انهيءَ لاءِ جو مٿي ۾ سور جي علاج لاءِ ان خاڪ ڪڍڻ جي جائز هجڻ تي سڀني جو اتفاق آهي.[1]

ابو سلمیٰ رسول خداﷺ کان نقل ڪري ٿو تہ پاڻ سڳورنﷺ فرمايو: ( **غبارالمدينة يطفي الجذام**) مديني جي خاڪ ڪوڙهہ جو علاج آهي.

ابن اثير جزري نبي اڪرم ﷺ جن کان نقل ڪري ٿو تہ: ( **والذي نفسي بيده ان في غبارها شفاء من كل داء**) مونکي ان ذات جو قسم جنهن جي هٿ (قدرت) ۾ منهنجي جان آهي مديني منور جي خاڪ هر مرض جي لاءِ شفاء آهي.

---

[1] .وفاء الوفاء،ج1،ص69

سمهودي لکي ٿو تہ: اصحابن ۽ ٻين ماڻهن جي سيرت هيءَ هئي تہ نبي اڪرمﷺ جي قبر مبارڪ جي خاڪ پاڻ سان گڏ کڻي ويندا هئا.[1]

**سوال نمبر 4 : اهل سنت جي پنهنجن بزرگن جي قبرن مان تبرڪ حاصل ڪرڻ جو نمونو بيان ڪريو.؟**

جواب : هيٺ اسان ان جا ٻہ نمونا بيان ڪريون ٿا.

**1 رسول خداﷺ جا صحابي ۽ حضرت سعد بن معاذ جي قبر ۽ ان جي خاڪ مان تبرڪ:**

اهل سنت جا معروف علماء ابن سعد ۽ ذهبي لکن ٿا تہ : هڪ شخص سعد بن معاذ جي قبر مان ٿوري خاڪ کنئي ۽ ان جي طرف ڏٺائين تہ اها اوچتو مُشڪ ۾ تبديل ٿي ويئي.[2]

**2 عبدالله حداني جي قبر مان تبرڪ:**

ابو نعيم اصفهاني ۽ ابن حجر عسقلاني چون ٿا تہ : حداني 183 ھ ۾ اٺ ذي الحج ترويہ جي ڏينهن قتل ٿيو ماڻهو ان

1. وفاء الوفاء، ج1، ص544.
2. طبقات الڪبرىٰ ج3، ص10 ، سيراعلام النبلاء، ج1، ص289.

جي قبر جي خاڪ کي مُشڪ سمجهي کڻي ويندا هئا ۽ ان کي پنهنجي لباس ۾ رکندا هئا.[1]

**سوال نمبر 5 : ڇا غير خدا کان حاجت طلب ڪرڻ جائز آهي؟**

جواب : جيڪڏهن ڪو شخص چوي تہ يا رسول اللهﷺ منهنجي حاجت پوري ڪريو ۽ سندس مقصد رسول خداﷺ جو واسطو ۽ شفاعت قرار ڏيڻ هجي ۽ سندس اها دعا قبول ٿئي تہ ان ۾ ڪو اشڪال ۽ اعتراض نظر نٿو اچي. اسان وٽ گهڻيون آيتون موجود آهن جن ۾ الله سائين فعل (ڪنهن ڪم يا عمل) جي صادر ٿيڻ کي ظاهري طور پنهنجن بندن جي طرف نسبت ڏيئي رهيو آهي:

1 وارزقوهم فيها واکسوهم...(سورت نساء،آيت نمبر5)

2 وما نقموا الآ ان اغناهم الله ورسوله...(سورت توبہ، آيت74)

3 ولوانهم رضوا ما آتاهم الله ورسوله...(سورت توبہ،آيت59)

جيتوڻيڪ بي نيازي خدا جي صفت آهي پر انهن آيتن ۾ الله پاڪ پيغمبر اسلام ﷺ ۽ مؤمنن کي رزق ڏيڻ ۽ بي نيازي ۾ شريڪ قرار ڏنو آهي ان کان سواء اصحابن کي

---

[1]. حلية الاولياء ج2، ص258،

جڏھن بہ مشكل پيش ايندي ھئي تہ اُھي نبي اكرم ﷺ جن جي قبر مبارك كي سھارو بڻائيندا ھئا.

عسقلاني چوي ٿو تہ : عمر جي خلافت جي زماني ۾ ڏكار آيو تہ ھك شخص رسول خداﷺ جي قبر مبارك تي آيو ۽ چيائين : ( **استسق امتک فانھم ھلکوا** ) اي الله پاك جا رسول ﷺ ! پنھنجي امت كي سيراب كريو اھا ھلاك ٿي رھي آھي.[1]

اھڙي طرح اھل سنت جون بزرگ شخصيتون ابن حبان، ابن خزيمہ ۽ شيخ الحنابلہ ابو علي خلال، مشكل گھڙيءَ ۾ اھل بيتعليهم السلام جي قبرن كي وسيلو بڻائيندا ھئا.

**الف**: ابن حبان (متوفیٰ 350 ھ) كتاب الثقات ۾ لكي ٿو تہ : مون كي كيترائي مرتبا امام موسیٰ كاظمعليه السلام جي قبر مبارك جي زيارت نصيب ٿي ۽ جيترو عرصو طوس ۾ گذاريم ان دوران جڏھن بہ مونكي كا مشكل پيش ايندي ھئي تہ آءٌ سندن قبر مبارك تي وجي الله پاك كان حاجت

1. فتح الباريج2، ص557.

طلب كندو هئس تہ اللہ جي كرم ۽ مهربانيءَ سان منهنجي اها حاجت پوري ٿي ويندي هئي.[1]

**ب** : ابن خزيمہ: جيكو بخاري ۽ مسلم جو استاد ۽ شيخ الاسلام جي لقب سان مشهور آهي ان جو هڪ شاگرد محمد بن مؤمل چوي ٿو تہ : آئون پنهنجي استاد ابن خزيمہ ۽ ٻين استادن سان علي بن موسىٰ رضا عليہما السلام جي قبر جي زيارت لاءِ طوس ويس منهنجي استاد ابن خزيمہ سندن قبر مبارڪ جي سامهون ٻيهي ايترو تہ نياز ۽ نوڙت جو اظهار ڪيو جو سڀ اچرج ۾ پئجي ويا.[2]

**ج** : شيخ الحنابلہ ابو علي خلال چوي ٿو تہ : مون كي جڏهن بہ ڪا مشڪل پيش ايندي آهي تہ مان موسىٰ بن جعفر عليہ السلام جي قبر جي زيارت كندو آهيان ۽ ان كي پنهنجو وسيلو قرار ڏيندو آهيان تہ خداوند متعال منهنجي مشڪل حل ڪري ڇڏيندو آهي.[3]

---

1. كتاب الثقات ج8، ص456
2. تهذيب التهذيب ج7، ص339
3. تاريخ بغداد ج1، ص120

د : محمد بن ادريس شافعي ابو حنيفہ جي قبر ۽ احمد بن حنبل شافعي جي قبر کي پنهنجو وسيلو بڻائيندو هو.[1]

ھ : مسلمان حضرت ابو ايوب انصاري جي قبر کي وسيلو بڻائي برسات جي لاءِ دعا گھرندا هئا.[2]

و : ابن خلڪان ۽ ذهبي چون ٿا تہ : ماڻهو مينهن (برسات) جي لاءِ ابن فورڪ اصفهاني(م406 ھ) جي قبر کي وسيلو بڻائيندا هئا.[3]

سڀ کان اهم نکتو هيءُ آهي تہ اهل سنت جي علمائن صريحاً ۽ واضح طور تي ماڻهن کي توسل ۽ استغاثہ جو شوق ڏياريو آهي.

قسطلاني چوي ٿو تہ : زائرن کي گهرجي تہ اهي رسول خداﷺ جي قبر مبارڪ جي پرسان بيهي بيتابيءَ سان استغاثو ۽ توسل ڪري شفاعت طلب ڪن، الله پاڪ انهن جي حق ۾ رسول خداﷺ جي شفاعت کي قبول ڪندو.[4]

---

1. مناقب ابو حنيفہ ج2، ص199.
2. مستدرڪ الحاڪم ج3، ص118.
3. وفيات الاعيان ج4، ص272، سيراعلام النبلاء ج17 ص215.
4. المواهب اللدنيہ ج3، ص417.

**سوال نمبر6 : قبرن جي زيارت جي جائز هجڻ تي ڪهڙي دليل موجود آهي؟**

**جواب** : هن سوال جي جواب ۾ قرآن و سنت (پاڻ سڳورن ﷺ ۽ ائمہ معصومين عليهم السلام جي فرمانن) ۽ صحابہ ڪرام جي سيرت منجهان هر هڪ مان دليل بيان ڪري سگهجي ٿي :

**پهرين دليل**: قرآن ڪريم: الله پاڪ جو ارشاد ٿي رهيو آهي تہ: ( **ولوانهم اذظلمواانفسهم جاووك**...(سورت نساء،آيت64)

ترجمو: ۽ جڏهن انهن ماڻهن پاڻ تي ظلم ڪيو تڏهن جيڪڏهن تو وٽ اچن ها پوءِ الله كان بخشش گهرن ها ۽ رسول خداﷺ بہ انهن لاءِ بخشش گهري ها تہ الله پاڪ کي ٻاجهہ سان موٽندڙ مهربان لهن ها.

هيءَ آيت پاڻ سڳورن ﷺ جن جي حياتي توڙي وفات كان پوءِ بہ مسلمانن کي سندن قبر مبارڪ جي زيارت لاءِ شوق ڏياري رهي آهي جيئن تہ اهل سنت جي مشهور عالم سبڪي لکيو آهي تہ: علمائن ان آيت مان اڪثر(حياتي ۽ وفات كان بعد) جو استفادو ڪيو آهي ڇاڪاڻ تہ حديثن ۾ پاڻ سڳورن ﷺ جن كان نقل ٿيو آهي تہ : ( حياتي خير لكم تحدثون ونحدث لكم و وفاتي خير لكم نفوس على

اعمالکم) منهنجي حياتي ۽ وفات ٻئي توهان جي لاءِ بهتر آهن توهان جا اعمال منهنجي سامهون پيش ڪيا ويندا آهن.[1]

**ٻين دليل**: سنت پيغمبرﷺ :

گھڻين حديثن ۾ نبي ڪريم ﷺ جن جي قبر مبارڪ جي زيارت جو حڪم ڏنو ويو آهي جن مان هڪ هيءَ بہ آهي: (من زار قبری وجبت له شفاعتی) [2] جنهن بہ منهنجي قبر جي زيارت ڪئي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويئي.

**ٽين دليل**: اصحابن جي سيرت:

اهل سنت جي مشهور علمائن عبدالرزاق، بيهقي ۽ عبدالبر کان روايت نقل ڪئي آهي تہ حضرت فاطمہ زهراءؑ جن هر جمعي جي رات پنهنجي چاچي حضرت حمزه رضی اللہ عنہ جي قبر تي ويندين هيون ۽ اتي نماز ادا ڪري گريو ڪنديون هيون.

حاڪم نيشاپوري چوي ٿو تہ: هن روايت جي سند ۾ سڀ راوي ثقہ ( اطمينان وارا ) آهن.[3]

---

1. طرح التثريب، ص297
2. السنن الکبریٰ، ج5، ص245
3. مصنف عبدالرزاق، ج3، ص572، السنن الکبریٰ، ج4، ص131

**سوال نمبر 7 : ( لاتشدالرحال الا الىٰ ثلاثة مساجد) ڇا هيءَ حديث قبرن تي وڃڻ کان روڪي ناهي رهي؟**

**جواب** : نہ هيءَ حديث ان مطلب تي دلالت نٿي ڪري ۽ ان جي دليل هيٺ ذڪر ڪجي ٿي:

**الف** : قسطلاني تاڪيد ڪئي آهي تہ هتي " مستثنىٰ منه " لفظ ( مسجد) آهي.[1]

تنهن ڪري ان جو قبر جي زيارت سان ۽ سفر ڪرڻ جي حرام هجڻ سان ڪوبہ واسطو ناهي.

**ب**: ان حديث تي عمل ڪرڻ ممڪن ئي ناهي ان ڪري جو جيڪڏهن ان جي متن کي صحيح سمجهيو بہ وڃي تڏهن بہ هي پاڻ سڳورن ﷺ جن جي ظاهري عمل جي مخالف آهي. ڇاڪاڻ تہ رسول خداﷺ هر ڇنڇر جي ڏينهن مسجد قبا ويندا هئا. جڏهن تہ حديث هي بيان ڪري رهي آهي تہ ٽن مسجدن کان سواءِ ڪنهن ٻيءَ مسجد ڏانهن سفر ڪرڻ حرام آهي.

**ج**: رسول خداﷺ جن جو صحابي حضرت بلال حبشيرضي الله عنه جنهن جو پاڻ سڳورن ﷺ جن جي قبر مبارڪ جي زيارت

---

[1].ارشاد الساري في شرح الصحيح البخاري، ج2، ص332

لاءِ شام كان مديني ڏانهن سفر ڪرڻ وارو واقعو مشهور آهي.

د: شيعه ۽ سني علمائن پاڻ سڳورن ﷺ جي قبر مبارڪ جي زيارت جي ارادي سان سفر ڪرڻ کي بهتر قرار ڏنو آهي، ۽ ابن تيميہ جي ان نظريي کي سختي سان رد ڪيو آهي تہ قبر جي زيارت جي ارادي سان سفر ڪرڻ حرام آهي.

1: قسطلاني چوي ٿو تہ : ( **قول ابن تيميہ حيث منع زيارة قبرالنبيﷺ وهو من ابشع المسائل المنقولة عنہ** ) ابن تيميہ کان نقل ٿيل قولن منجهان بدترين قول رسول خداﷺ جي قبر مبارڪ جي زيارت کان روڪڻ وارو قول آهي. [1]

2 : غزالي چوي ٿو تہ: (**کل من يتبرک بمشاهدتہﷺ في حياتہ يتبرک بزيارتہ بعد وفاتہ ويجوزشدالرحال بهذاالغرض**) [2] جيڪو شخص نبي اڪرم ﷺ جن جي حياتيءَ ۾ سندن زيارت سان مشرف ۽ متبرڪ ٿيو آهي اهو پاڻ سڳورنﷺ جي رحلت کان بعد ۾ سندن قبر مبارڪ جي زيارت سان متبرڪ ٿي سگهي ٿو ۽ قبرمبارڪ جي زيارت جي ارادي سان سفر ڪرڻ جائز آهي.

---

1. ارشاد الساري، ج2، ص329
2. احياء العلوم، ج1، ص258

**ھ** : شيعہ ۽ اهل سنت جي معتبر ڪتابن ۾ اهڙيون حديثون بيان ٿيون آهن جيڪي قبرن تي وڃڻ جي تاڪيد ڪري رهيون آهن انهن منجهان هڪ روايت هن ريت آهي:

**عن النبيﷺ** : نهيتكم عن زيارة القبور الا فزوروها[1] **مان توهان** کي قبرن جي زيارت کان روڪيو هو خبردار (اڄ کان بعد) انهن جي زيارت ڪندا ڪيو.

اهل سنت جي اڪثر علمائن هن حديث ۾ لفظ (فزورها) منجهان مستحب جي معنىٰ سمجهي آهي جڏهن تہ ابن حزم ان مان واجب جي معنىٰ سمجهي آهي.[2]

**سوال نمبر8 : ڇا هن حديث (لعن الله زائرات القبور) ترجمو:(الله پاڪ زيارت ڪرڻ وارين عورتن تي لعنت ڪئي آهي) جي باوجود بہ عورتون قبرن تي وڃي سگهن ٿيون؟**

**جواب** : هن سوال جو جواب هن ريت ڏيئي سگهجي ٿو:

**الف:** تمام گهڻين روايتن ۾ آيو آهي تہ حضرت عائشہ رضي الله عنها ۽ حضرت فاطمہ زهرا عليها السلام قبرن تي وينديون هيون جيئن تہ سنن ڪبرىٰ ۾ ذڪر ٿيو آهي: (**عن فاطمة كانت تزور قبر**

---

1. صحيح مسلم، ج3، ص65
2. التاج الجامع للاصول، ج1، ص381

**عمّها حمزة كلّ جمعة فتصلىٰ و تبكي عنده)**[1] حضرت فاطمہ زهراؑ هر جمعي جي رات پنهنجي چاچي حضرت حمزهؓ جي قبر جي زيارت ڪرڻ وينديون هيون ۽ اتي نمازادا ڪرڻ ڪان پوءِ پاڻ گريو ڪنديون هيون.

ابن ابي مليڪہ چوي ٿو تہ : (**رايت عائشة تزور قبر اخيها عبدالرحمن و مات بالحبشة و قُبر بمكة)**[2] مون حضرت عائشہ ؓ کي ڏٺو تہ هوءَ پنهنجي ڀاءُ عبدالرحمان جي قبر جي زيارت ڪري رهي هئي هن حبشہ ۾ ( جيڪو مڪي جي قريب هڪ جڳهہ جو نالو آهي) انتقال ڪيو ۽ مڪي مڪرمہ ۾ دفن ڪيو ويو.

**ب** : هيءَ حديث بريده جي نقل ڪيل حديثن منجهان نسخ (يعني ختم ) ٿي چڪي آهي يا ان جي مخالف آهي جيئن تہ ذهبي ۽ نيشاپوري ان کي واضح طرح سان بيان ڪيو آهي ۽ بريده واري حديث هيءَ آهي: (**نهىٰ رسول الله ﷺ عن زيارة القبور ثم امر بزيارتها)**[3] رسول خداﷺ جن قبرن جي

[1].السنن الكبرىٰ، ج4، ص132،مصنف عبدالرزاق، ج3، ص572

[2].مصنف عبدالرزاق، ج3، ص570، معجم البلدان، ج2، ص214

[3].السنن الكبرىٰ، ج3، ص570، مستدرڪ حاڪم، ج1، ص374

زيارت كان روكيو پر بعد ۾ وري پاڻ انهن زيارتن جو حكم ڏنائون.

**ج**: اهل سنت جي علمائن هن ريت فتوىٰ ڏني آهي تہ عورتن جو قبرن جي زيارت لاءِ وڃڻ مستحب آهي.

ابن عابدين چوي ٿو تہ : **(هل تستحب زيارة قبره ﷺ للنساء؟ الصحيح من مذهبنا و هو قول الكرخي و غيره: من انّ الرّخصة في زيارة القبور ثابتة للرجال و النساء جميعاً فلا اشكال وامّا علىٰ غيره فذلک نقول بالاستحباب لاطلاق الاصحاب بل قيل واجبة)**[1]

ڇا عورتن جي لاءِ رسول خدا ﷺ جي قبر مبارک جي زيارت كرڻ مستحب آهي؟ اسان جي مذهب مطابق صحيح قول اهو ئي آهي جنهن كي كرخي ۽ ٻين بيان كيو آهي تہ قبرن جي زيارت جي مردن ۽ عورتن سيني كي اجازت ڏني ويئي آهي.

**د** : هيءَ حديث جنهن ۾ قبرن جي زيارت كان منع كيو ويو آهي ٽن واسطن سان نقل ٿي آهي جيكي ٽيئي ضعيف آهن. پهرين سند جي واسطي ۾ ابن خثيم آهي جنهن جي

---

1. ردّ المختار، ج2، ص263، المواهب اللدنيہ، ج3، ص405

حديث مان استدلال ناهي کيو ويندو.[1] ٻين سند جي واسطي ۾ باذان آهي اهڙي طرح ان جي حديث جي بہ پرواهہ ناهي ڪئي ويندي.[2] ۽ ٽين سند جي واسطي ۾ عمر بن ابي سلمیٰ آهي جيڪو ضعيف آهي.[3]

**سوال نمبر9 : ڇا انبياءعليهم السلام ۽ اولياڻن جي قبرن جي پاسي ۾ بيهي نماز پڙهڻ يا دعا گهرڻ جائز آهي؟**

**جواب:**1 : ( وَمَا ارسلنا مِن رسول الّا لِيُطَاعَ باذن اللّه وَلَوْانهم إِذ ظَّلَمُواْ أَنفُسَهُمْ جَآؤُوكَ فَاسْتَغْفَرُواْ اللّهَ وَاسْتَغْفَرَ لَهُمُ الرَّسُولُ لَوَجَدُواْ اللّهَ تَوَّابًا رَّحِيمًا) ڪوئي پيغمبر نہ موڪليو سون پر ان لاءِ جو الله پاڪ جي حڪم سان سندن تابعداري ڪئي وڃي ۽ جڏهن انهن (ماڻهن) پاڻ تي ظلم ڪيو تڏهن جيڪڏهن تو وٽ اچن ها پوءِ الله کان بخشش گهرن ها ۽ پيغمبر انهن لاءِ بخشش گهري ها تہ الله کي ٻاجهہ سان موٽندڙ مهربان لهن ها.(سورت نساء آيت 64 )

---

1. ميزان الاعتدال، ج2، ص459
2. تهذيب الكمال، ج4، ص6
3. سير اعلام النبلاء، ج6، ص33

هن آيت ۾ رسول خداﷺ جن جي قبر مبارڪ جي پرسان بيهي دعا گهرڻ ڏانهن اشارو موجود آهي. ڇاڪاڻ تہ لفظ (**جاؤوک**) پاڻ سڳورنﷺ جي حيات ۽ وفات ٻنهي کي شامل آهي.

2 : حضرت فاطمہ زهراءؑ جن جو حضرت حمزهؓ جي قبرمبارڪ جي پاسي ۾ بيهي نماز پڙهڻ پاڻ ان شيءِ جي جائز هجڻ تي دليل آهي. ۽ حاڪم نيشاپوري جي چوڻ مطابق هن حديث جا سڀ راوي اعتبار جوڳا (ثقہ) آهن.[1]

3 : مسلمانن جي سيرت اها رهي آهي تہ اُهي انبياءؑ ۽ اوليائن جي قبرن تي وجي دعا بہ گهرندا هئا ۽ انهن جي قبرن جي ويجهو بيهي نماز بہ پڙهندا هئا.

**الف**: ابن خلڪان چوي ٿو تہ : سيده نفيسہ بنت ابو محمد، حسن بن زيد بن حسن بن حضرت علي ؑ اُهي ( درب السباع ) مصر ۾ دفن ڪيون ويون آهن ۽ سندن قبر دعا جي مستجاب هجڻ جي باري ۾ معروف آهي ۽ اهو هڪ مجرب عمل آهي.[2]

---

1. مستدرڪ حاڪم، ج1، ص377.
2. وفيات الاعيان، ج5، ص424.

ب : اهڙي طرح اهل سنت جي امام شافعي هميشہ ابو حنيفہ جي قبر تي وڃي ڪري ٻہ رڪعت نماز ادا ڪئي آهي.[1]

ج : زهري ٻہ معروف ڪرخي جي قبر جي پرسان دعا گهرڻ جي باري ۾ ڪجھ مطالب ذڪر ڪيا آهن.[2]

د : اهڙي طرح جزري ٻہ شافعي جي قبر جي متعلق ڪجھ مطالب نقل ڪيا آهن.[3]

**سوال نمبر 10 : ڇا هيءَ حديث ( خدا لعنت ڪري يهودين تي جو انهن پنهنجن وڏن جي قبرن کي مسجد بڻايو. اهڙي طرح هيءَ حديث ( پروردگار منهنجي قبر کي بُت قرار نہ ڏجان).4 رسول خداﷺ جي قبرمبارڪ ۽ ٻين جي قبرن جي پرسان نماز پڙهڻ يا دعا گهرڻ کان روڪي ناهي رهي؟**

**جواب** : هن سوال جو جواب ٻہ چند نڪتن ۾ عرض ڪري سگهجي ٿو:

**الف** : هن حديث جا راوي ضعيف ۽ مجهول آهن. مثال طور ( عبدالوارث ) هي راوي اهل سنت جي علمائن وٽ مردود

---

1. تاريخ بغداد، ج1، ص123
2. سيراعلام النبلاء، ج9، ص343
3. الجواهرالمضيئة، ج1، ص461
4. مسند احمد، ج2، ص246، الموطا، ج1، ص172

آهي چاڪاڻ تہ هي فرقي قدريہ جو پيروڪار هو. اهڙي طرح ( ابوصالح ) جي باري ۾ بہ تردّد پاتو وڃي ٿو تہ هو ضعيف هو يا اعتبار وارو(ثقہ) نہ هو ۽ (عبدالله بن عثمان) منڪر حديثن کي نقل ڪندو هو ۽ ( ابن بهمان ) مجهول الحال آهي ان بنياد تہ هن حديث سان استدلال نٿو ڪري سگهجي.

**ب** : هيءَ حديث ڪنهن بہ صورت ۾ قبر جي پرسان نماز پڙهڻ کان روڪي ناهي رهي ان ڪري جو هن جو موضوع حبشي ڪنيسو آهي تہ جڏهن مشرڪن ۽ يهودين جو ڪوئي نيڪ شخص مري ويندو هو تہ اهي ان جي قبر تي مسجد بڻائيندا هئا ۽ ان تي ان شخص جي تصوير رکي ان کي سجدو ڪندا هئا تنهن ڪري قبر جي پرسان ڪعبي ڏانهن منهن ڪري الله وحده لاشريڪ جي عبادت ڪرڻ ۽ ڪنهن شخص کي خدا جو شريڪ قرار ڏيئي عبادت ڪرڻ ۾ فرق آهي. بس هن حديث مان ان موضوع تي استدلال نٿو ڪري سگهجي.

اهل سنت جو هڪ عظيم مفسرِ قرآن قرطبي چوي ٿو تہ :(

**انما صور اوائلهم الصور ليتانسوا بها عند قبورهم ثمّ خلّفهم قوم جهلوا مرادهم ووسوس لهم الشيطان : ان اسلافهم كانوا يعبدون هذه الصور و يعظّمونها فحذر النبيﷺ**

**عن مثل ذلک**)[1] انهن پنهنجن وڏن جون تصويرون ٺھائي رکيون هيون تہ جيئن ان مان ورونھ ( حال اورڻ يا روح رهاڻ ) ڪري سگهن ۽ ان جي ياد تازي رهي. اهي انهن جي قبرن جر پرسان خدا جي عبادت ڪندا هئا پر ان ڪانپوءِ اچڻ وارن انهن جي مقصد کي وساري ڇڏيو ۽ شيطان انهن جي دلين ۾ وسوسا پيدا ڪيا انهن جا ڏاڏا انهن تصويرن جي عبادت ۽ انهن جي تعظيم ڪندا هئا. تنهن ڪري رسول خداﷺ جن انهن کي انهيءَ ڪان منع ڪيو ان بنياد تہ الله جي اوليائن جي قبرن جي پرسان نماز نہ پڙهڻ تي ڪابہ دليل موجود نہ آهي.

بيضاوي چوي ٿو تہ : ( **لما كانت اليهود والنصارىٰ يسجدون القبور الانبياء تعظيماً لشانهم و يجعلونها قبلة يتوجهون في الصلاة نحوها و اتّخذوها اوثانا لعنهم النبيﷺ** )[2]

ڇاڪاڻ تہ يهود ۽ نصاراىٰ پنهنجي نبين جي قبرن تي سجدو ڪندا هئا، انهن کي پنهنجو قبلو قرار ڏيندا هئا ۽ انهن سان اهو ئي رويو اختيار ڪندا هئا جيڪو بتن سان ڪيو ويندو هو تنهن ڪري نبي اڪرم ﷺ جن انهن تي لعنت ڪئي.

---

1. ارشاد الساري، ج3، ص497
2. ارشاد الساري، ج3، ص479

هن عبارت ۾ بہ رسول خداﷺ يا آئمہ عليهم السلام جي قبرن جي زيارت نہ ڪرڻ جي يا انهن جي پرسان نماز نہ پڙهڻ تي ڪنهن بہ قسم جي ڪا بہ دلالت موجود ناهي.

**ج** : اهل سنت جي گهڻن علمائن قبرن تي نماز ادا ڪرڻ کي جائز قرار ڏنو آهي جن ۾ امام مالڪ بن انس بہ آهي.

1 : **( كان مالک لايرىٰ باساً بالصلاة في المقابر و هو اذا صلّىٰ في المقبرة كانت القبور بين يديہ و خلفہ و عن يمينہ و شمالہ).** و قال مالک **( لا باس بالصلاة في المقابر و قال بلغني انّ بعض اصحاب النبيﷺ كانوا يصلون في المقبرة )**[1]

مالڪ چوي ٿو تہ : قبرن تي نماز پڙهڻ ۾ ڪو بہ نقصان ناهي ۽ چيائين تہ مون وٽ اها خبر پهتي آهي تہ ڪجھ صحابي قبرستان ۾ نماز پڙهندا هئا.

2 : عبدالغني نابلسي چوي ٿو تہ : **( اذا كان موضع قبور مسجداً او كان هناک احد جالساً او انّ قبر ولي من اولياء الله او عالم من المحققين تعظيماً لروحہ المشرفة علا تراب جسده اعلاماً للناس انہ وليّ لتبركوا بہ ويدعوا الله فيستجاب لهم، فهو امر جائز لا مانع منہ)**[2]

---

1. المدوّنة الكبرىٰ، ج1، ص90.
2. الحديقة الندية، ج2، ص630.

جيڪڏھن قبرن جي جاء مسجد ۾ تبديل ٿي وڃي يا اها قبر رستي ۾ واقع ھجي يا الله پاڪ جي اوليائن يا محقق علمائن منجهان ڪنھن جي قبر ھجي تہ ان وليِ خدا جي روح کي زنده رکڻ جي لاءِ ماڻھو ان مان تبرڪ حاصل ڪن ۽ ان قبر جي پرسان خدا کان دعا گھرن تہ جيئن انھن جي دعا قبول ٿئي تہ ان ۾ ڪو بہ عيب ناھي بلڪہ جائز آھي.

**سوال نمبر 11 : ڇا شريعت اسلام ۾ قبرن تي گنبذ ۽ ضريح وغيره ٺاھڻ کان روڪيو ويو آھي؟**

**جواب** : شريعت اسلام ۾ ان قسم جو ڪو بہ حڪم ڏسڻ ۾ نٿو اچي ۽ ان جون ڪجھ دليلون ذڪر ڪجن ٿيون.

**الف** : قبرن تي گنبذ ٺاھڻ جي عظمت تي دليل فقط ھڪ روايت آھي، جنھن کي ابوالھياج نقل ڪيو آھي.[1]

ھيءَ روايت سند جي اعتبار سان صحيح ناھي ان ڪري جو ھن روايت جي سند ۾ وڪيع ۽ حبيب بن ابي ثابت موجود آھن ۽ انھن ٻنھي جي اھل سنت وٽ ڪا بہ اھميت ناھي.

1. صحيح مسلم، ج3، ص61.

**ب** : ۽ هن حديث جي دلالت ۾ بہ اشڪال پاتو وڃي ٿو ڇاڪاڻ تہ ( **ولا قبراً الّاسويتہ** ) جي معنىٰ قبرن کي خراب ڪرڻ ناهي پر انهن کي برابر ڪرڻ آهي تہ جيئن اها اٺ جي ٿوهي وانگر نہ هجن.

قسطلاني چوي ٿو تہ : ( **السنة في القبر تسطيحہ وانہ لايجوزترک هذه السنة لمجرد انها صارت شعاراللروافض وانہ لامنافات بين التسطيح وحديث ابي الهياج : لانہ لم يرد تسويتہ بالارض وانما اراد تسطيحہ جمعا بين الاخبار** ) [1]

سنت هيءَ آهي تہ قبرن کي مُسطّح ( هموار ۽ برابر ) بڻايو وڃي ۽ ان کي شيعن جو اخلاق هجڻ جي ڪري ترڪ ڪرڻ جائز ناهي اهڙي طرح قبرن کي مُسطّح بڻائڻ ۽ روايت ابن هياج ۾ ڪا بہ منافات موجود ناهي ان ڪري جو ان روايت جي مراد قبرن کي زمين جي برابر ڪرڻ ناهي بلڪ ان منجهان مراد انهن کي اٺ جي ٿوهي وانگر بلند ڪرڻ آهي ۽ هيءَ معنىٰ اسان روايتن کي جمع ڪرڻ کان پوءِ حاصل ڪئي آهي.

---

[1].ارشاد الساري، ج2ص486

ج : مسلمانن جي سيرت اها رهي آهي تہ اهي قبرن تي گنبذ ۽ قُبا ٺاهيندا هئا.

1: رسول خداﷺ جي قبر مبارڪ تي گنبذ جو ٺهڻ.

2: جنت البقيع ۾ حضرت فاطمہ زهراء عليها السلام ۽ آئمہ اهل بيتعليهم السلام جي قبرن تي مقبرن جو تعمير ٿيڻ جن کي 1345 ھ ۾ وهابين مسمار ڪري ڇڏيو.

3: رسول خداﷺ جي فرزند جناب ابراهيم جي قبر جيڪا محمد بن زيد بن علي جي گهر ۾ هئي ۽ بعد ۾ وهابين ڊاهي ڇڏي.

4: ٻين صدي هجري ۾ حضرت حمزهرضي الله عنه جي قبر تي مسجد جو ٺهڻ جنهن کي وهابين ويران ڪري ڇڏيو.

5:عمر بن عبدالعزيز جي زماني ۾ حضرت سعد بن معاذ جي قبر تي گنبذ جو ٺاهڻ جنهن جي قبر ابن افلح جي گهر ۾ هئي.[1]

6: 275 ھ ۾ بصري ۾ باهلي جي قبر تي گنبذ جو ٺاهڻ.[2]

7 : ٻين صدي هجري ۾ حضرت عليعليه السلام جي قبر مبارڪ تي عمارت جو تعمير ڪرڻ.[1]

---

[1] .وفاء الوفاء، ج2، ص545

[2] .سير اعلام النبلاء، ج13، ص285

8: سلمان فارسي رضي الله عنه جي قبر تي عمارت تعمير ڪرڻ.[2]

9: 316 ھ ۾ ابو عوانہ جي قبر تي عمارت تعمير ڪرڻ.[3]

خلاصو ھيءُ آھي تہ تمام مسلمانن جي سيرت ھيءَ رھي آھي تہ اھي بزرگانِ دين جي قبرن تي روضا ۽ مقبرا تعمير ڪندا ھئا ۽ اھا سيرت اڄ بہ باقي آھي جنھن جي دليل ڪربلا ، نجف الاشرف ۽ مشھد مقدس ۾ آئمہ اھل بيت عليهم السلام جي روضن جو ھجڻ ۽ بغداد ۾ ابو حنيفہ ۽ عبدالقادر جيلاني جا روضا ۽ سمرقند ۾ بخاري جو روضو يا اھڙي طرح تمام اسلامي ملڪن ۾ الله جي اوليائن جي قبرن تي روضن جو موجود ھجڻ اسان جي دعویٰ جي دليل آھي پر وھابين ان ڪي حجاز ۾ حرام قرار ڏنو ۽ تمام اوليائن ۽ اصحابن جي قبرن تي موجود روضن ڪي ڪيرائي مسلمانن جي سيرت جي مخالفت ڪئي.

---

1. موسوعة العتبات، ج6، ص97.
2. تاريخ بغداد، ج1، ص163.
3. سير اعلام النبلاء، ج14، ص419.

**سوال نمبر 12 : ڇا هي حديث( نهىٰ رسول اللهﷺ ان يجصص القبر و ان يعقد عليہ وان يبنىٰ عليہ) روضہ ٺاهڻ کان منع ڪري رهي آهي.؟**

**جواب:** پهرين ڳالھ تہ هيءَ مٿين حديث[1] مسلمانن جي سيرت جي مخالف آهي جيئن تہ انهيءَ جو بيان گذري چڪو آهي.

ٻيو هيءُ تہ هن حديث جي سند بہ صحيح ناهي ڇاڪاڻ تہ هن جي سند ۾ ابوالزبير محمد بن مسلم آمدي آهي جنهن کي اهلسنت جي علمائن احمد بن حنبل، ابن عينيہ، شعبہ ۽ ابو حاتم ضعيف قرار ڏنو آهي.[2] جيئن تہ يعقوب بن شيبہ جو چوڻ آهي تہ هن روايت جي سند ۾ حفص بن غياث آهي جنهن جي باري ۾ اهلسنت جي علمائن جو رايو ناڪاري آهي.[3] جيتوڻيڪ هن حديث جي سند ۾ ربيعہ نالي هڪ شخص موجود آهي جنهن جي ازدي، ابن ابي شيبہ ۽ ساجي تائيد ناهي ڪئي.[4]

1. صحيح مسلم، ج3، ص63
2. تهذيب الکمال، ج26، ص407
3. تهذيب التهذيب، ج2، ص360. تاريخ بغداد، ج8، ص199
4. تهذيب التهذيب، ج9، ص143، ميزان الاعتدال، ج3، ص545

نتيجو ھي آھي تہ اھڙي قسم جي تمام روايتن جي سند ۾ اھلسنت جي نزديڪ اعتراض پاتا وڃن ٿا تنھن ڪري انھن روايتن سان استدلال ڪرڻ صحيح ناھي.

**سوال نمبر 13 : ڇا قبرن تي چراغ وغيره ٻارڻ شرعي طور تي اعتراض جوڳو عمل آھي؟**

**جواب** : شريعت اسلام ۾ ان جو انڪار ناھي ڪيو ويو جنھن جون دليلون ذڪر ڪريون ٿا.

1: اھل سنت کان نقل ٿيل حديثن جي مطابق تہ ھڪ رات رسول پاڪ ﷺ جن قبرستان وڃڻ ٿي چاھيو تہ چراغ روشن ڪرڻ جو حڪم ڏنائون.[1]

2 : مسلمانن جي سيرت رھي آھي تہ اھي اصحابن ۽ الله جي اوليائن ۽ درويشن جي قبرن تي چراغ ٻاريندا ھئا.

**الف**: چوٿين صدي ھجريءَ ۾ حضرت ابو ايوب انصاري رضي الله عنه جي قبر تي چراغ موجود ھو.[2]

**ب** : چوٿين صدي ھجريءَ ۾ زبير بن عوام جي قبر تي شمعدان جو ھجڻ.[3]

---

1. الجامع الصحيح، ج3، ص372
2. تاريخ بغداد، ج1، ص154
3. المنتظم، ج14، ص383

ج : امام موسىٰ كاظم عليه السلام جي قبرمبارڪ تي پنجين صديءَ ۾ شمعدان جو موجود هجڻ.[1]

3 : هيءَ حديث ( **لعن الله المتخذين عليها المساجد والسرج** ) الله سائين قبرن تي مسجد تعمير ڪرڻ وارن ۽ انهن تي چراغ روشن ڪرڻ وارن تي لعنت ٿو ڪري. هن حديث جي سند ۾ مشڪل پاتي وڃي ٿي ان ڪري جو هن جو راوي ابو صالح آهي جنهن کي اهل سنت جي علمائن ضعيف ۽ مردود قرار ڏنو آهي ۽ هن حديث جي شرح بيان ڪرڻ وارن لکيو آهي تہ هتي نهيءَ مان مراد نهي ارشادي آهي نهي مولوي ناهي. جيئن تہ سندي ، عزيزي ، علي ناصف ۽ شيخ حنفي ان مطلب ڏانهن اشارو ڪيو آهي.[2]

**سوال نمبر 14 : ڇا زنده يا وفات ڪيل الله جي ولين جي قبر تي وڃي باس باسڻ جائز آهي؟**

**جواب** : جيڪڏهن نذر ( باس ) الله پاڪ جي لاءِ ڪئي وڃي ۽ ان جو ثواب ڪنهن نبي، امام يا ولي خدا جي روح کي ايصال ڪيو وڃي ( جيئن شيعہ ۽ اهل سنت مسلمانن ۾

---

1. وفيات الاعيان، ج5، ص310.
2. شرح الجامع الصغير، ج3، ص198، سنن نسائي، ج4، ص95.

جاري آهي ) تہ اهڙو عمل کجھ سببن جي بنياد تي جائز آهي.

**الف** : اهل سنت وٽ کجھ اهڙيون حديثون نقل ٿيون آهن جيڪي ان عمل جي جائز هجڻ تي دلالت ڪن ٿيون.

( عن ثابت بن ضحاک: عن النبيﷺ انّ رجلاً سالہ انّہ نذر ان يذبح ببوانة فاتیٰ رسول اللهﷺ فاخبره، فقال: هل کان فيها وثن من اوثان الجاهلية يُعبد؟ قالوا: لا، قال: هل کان فيها عيد من اعيادهم؟ قالوا لا ، قال رسول اللهﷺ اوف بنذرک فانہ لاوفاء لنذر في معصية الله ولافيما لا يملک ابن آدم )[1]

ثابت بن ضحاڪ کان روايت آهي تہ هڪ شخص رسول خداﷺ جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ عرض ڪيائين تہ مون باس باسي آهي تہ بوانہ جي مقام تي هڪ رڍ ذبح ڪندس، ڇا اها منهنجي باس صحيح آهي؟ پاڻ فرمايائون تہ ڇا جهالت واري دور ۾ انهي مقام تي ڪنهن بت جي پوڄا ڪئي ويندي هئي؟ ماڻهن عرض ڪيو نہ. پاڻ فرمايائون تہ ڇا اُتي مشرڪن جي ڪا عيد ملهائي ويندي هئي؟ ماڻهن عرض ڪيو نہ. پاڻ فرمايائون تہ انهيءَ باس کي پورو ڪر،

---

[1] .سنن ابو داؤد، ج3، ص238

ڇاڪاڻ تہ ٻن مقامن تي باس(نذر) تي عمل ڪرڻ جائز ناهي:
1 : اهڙي باس جنهن سان خدا جي معصيت ٿئي.
2 : اهڙي شيءِ جي باس باسڻ جيڪا سندس ملڪيت ۾ نہ هجي. (يعني پَرائي مال تي).
جيڪڏهن نذر ۽ باس جهالت واري زماني وانگر بتن لاءِ نہ هجي تہ ان کي پورو ڪرڻ واجب آهي اهڙي طرح جيڪڏهن ان جڳھ تي باس باسي وڃي جتي ڪفار عيد ملهائيندا آهن تہ اهڙي باس صحيح ناهي. باقي اهل سنت جي نزديڪ انهن روايتن تي عمل ڪرڻ ضروري آهي جيڪي انهن باس جي ضروري هجڻ تي نقل ڪيون آهن.
**ب** : عزامي شافعي اهڙي باس جي حمايت ۾ چوي ٿو تہ : جيڪڏهن ڪو شخص مسلمانن وٽ مڃڻ وارين باسن جي تحقيق ڪري تہ اهو ان نتيجي تي پهچندو تہ انهن باسن ۽ قربانين جو مقصد پنهنجي مري ويلن جي لاءِ صدقو ڏيڻ ۽ انهن تائين ثواب پهچائڻ آهي ۽ اهل سنت جو ان ڳالهہ تي اتفاق آهي تہ زندھ يا مرده کي ثواب پهچائڻ جي نيت سان ڪو عمل انجام ڏنو وڃي تہ ان جو ثواب ان تائين پهچندو ۽ ان جي لاءِ فائديمند ثابت ٿيندو آهي. ان باري ۾ روايتون

تمام گھٽيون آهن ۽ پوءِ عزامي هڪ حديث جي طرف اشارو ڪيو آهي.

سعدؓ رسول خداﷺ جن کان سوال ڪيو تہ : منهنجي ماءُ وفات ڪري ويئي آهي پر مون کي يقين آهي تہ جيڪڏهن هوءَ زنده هجي ها تہ ضرور صدقو ڏئي ها. هاڻي جيڪڏهن مان صدقو ڏيان تہ ڇا اهو صدقو ان لاءِ فائديمند ثابت ٿيندو؟ پاڻ فرمايائون تہ : ها. ان عرض ڪيو تہ ڪهڙو صدقو گهڻو فائديمند ٿيندو؟ پاڻ فرمايائون : پاڻي. بس پوءِ سعد هڪ کوهہ کوٽيو ۽ اهو پنهنجي ماءُ جي طرفان صدقي ۾ ڏنائين.[1]

**ج** : مسلمانن وٽ اهڙيون قبرون بہ هيون ۽ اجا بہ آهن جتي باس باسي ويندي آهي. مراڪش ۾ بستي جي قبرؒ بغداد ۾ قبرالنذور ۽ احمد بداوي جي قبر.[2]

**سوال نمبر 15 : امام حسينؑ جي عزاداري ۽ رسول خداﷺ جي جشن ميلاد جي باري ۾ اسلام جو ڇا نظريو آهي؟**

**جواب** : بلڪل جائز آهي ۽ انهيءَ جي دليل هيءَ آهي تہ :

---

[1] .فرقان القرآن، ص133

[2] .نيل الابتهاج، ج2، ص62،تاريخ بغداد، ج1، ص123

**الف** : اهڙن امورن ۾ اصل انهن جو جائز هجڻ آهي پر انهن جي حرام هجڻ لاءِ ڪادليل موجود هجي.

**ب** : قرآن مجيد جي نص واضح طور شعائرالله جي تعظيم جو حڪم ڏيئي رهي آهي.

**ج** : اڄ تائين مسلمانن جي سيرت هيءَ رهي آهي تہ عيد ميلاد النبيﷺ ۾ ان جهڙا ٻيا جشن ملهائيندا آهن جيئن تہ قسطلاني ۽ ديار بڪري انهيءَ جي طرف اشارو ڪيو آهي.[1]

**د** : اهل سنت جي سيني ماڻهن ۾ مرڻ وارن جي غم ملهائڻ جو رواج رهيو آهي ۽ اڄ بہ اهو ئي رواج موجود آهي جڏهن ڪو شخص مرندو آهي تہ انهي جو غم ملهايو ويندو آهي. جيئن تہ ذهبي اهل سنت جي مشهور عالم دين جويني جي وفات جي باري ۾ لکيو آهي تہ : (**غُلّقت الاسواق ورثي بقصائد و كان لہ نحو من اربع ماۃ تلميذ اقاموا حولا و وضعت المناديل عن الرؤوس عاماً بحيث ما اجترا احد علیٰ ستر راسہ و كانت الطلبة يطوفون في البلد نائحين عليہ مبالغين في الصيّاح و الجزع**)[2]

---

[1]. تاريخ خميس، ج1، ص323، المواهب اللدنيہ، ج1، ص27

[2]. سيراعلام النبلاء، ج8، ص468

ان جي سوڳ ۾ دڪان بند ڪيا ويا ۽ مرثيا پڙهيا ويا ان جا چار سئو شاگرد هئا جن ان جي جدائي ۾ قلم ڀڃي ۽ ان جي لاءِ عزا برپا ڪئي انهن هڪ سال جي لاءِ عمامہ لاهي ڇڏيا ۽ ڪنهن کي جرئت نہ هئي تہ متي کي ڍڪي. شاگرد شهر ۾ گهمندي ڦرندي بہ عزا ۽ فرياد ۽ روئڻ ۾ مشغول رهيا.

اهڙي طرح عبد المؤمن(متوفیٰ 346 ھ) جي تشيع جنازي جي باري ۾ لکيل آهي تہ: (**فغشّينا اصوات طبول مثل ما يكون من العساكر حتیٰ ظّن جمعنا انّ جيشا قد قدم**)[1]

هر طرف فوج ۾ طبلن وڄڻ جو آواز اچي رهيو هو ائين لڳي رهيو هو ڄڻ تہ حملو ڪيو ويو آهي.

ابن جوزي ( م 597 ھ ) جي موت جي باري ۾ لکي ٿو تہ : ( **وباتوا عند قبره طول شهر رمضان يختمون الختمات بالشمع والقناديل، واصبحنا يوم السبت عملنا العزاء وتكلمت فيہ وحضر خلق عظيم وعملت فيہ المراثي**)[2]

رمضان جو پورو مهينو ماڻهن چراغ ۽ قنديل سان ان جي قبر تي جاڳي گذاريو، ڪئي دفعا ختم قرآن ڪيو ويو ۽

1. سير اعلام النبلاء، ج15، ص481.
2. سير اعلام النبلاء، ج18، ص379.

چنچر جي ڏينھن ان جي باري ۾ تقرير ڪئي ويئي ۽ عزاداري ملھائي ويئي ان پروگرام ۾ گھڻن ماڻھن شرڪت ڪئي ۽ مرثيہ بہ پڙھيا ويا.

**سوال نمبر 16 : شيعہ ڇا جي لاءِ ھٿ ٻڌي نماز نٿا پڙھن؟**

**جواب:الف :** ڇاڪاڻ تہ شيعہ ان کي حرام سمجھندا آھن ۽ اھلسنت ۾ بہ ڪنھن ان جي واجب ھجڻ جي فتوىٰ ناھي ڏني، بلڪہ ان کي مستحب عمل قرار ڏنو آھي ۽ ڪجھ اھلسنت جي امامن تہ واجب نماز ۾ ھٿن ٻڌڻ کي مڪروھ قرار ڏنو آھي. جيئن امام مالڪ نماز ۾ ھٿ ٻڌڻ کي مڪروھ سمجھندو ھو، اھڙي طرح سڀ صحابي ھٿ کولي نماز پڙھندا ھئا، ايستائين جو ٻئين خليفي عمر نماز ۾ ھٿن ٻڌڻ واري بدعت جو آغاز ڪيو.

عبدالله بن زبير، حسن بصري، ليث بن سعد ۽ ابراھيم نخعي وغيره ھٿ کولي نماز پڙھندا ھئا.[1]

**ب** : ڇاڪاڻ تہ رسول خداﷺ نماز ھٿ ٻڌي ناھي پڙھي جيئن تہ قرطبي چوي ٿو تہ: (**اختلف العلماء في وضع اليدين احدھما علىٰ الاخرىٰ في الصلاة فڪره ذلڪ مالڪ في الفرض**

[1] .ھن مسئلي جي وڌيڪ تحقيق لاءِ( ڪتاب نماز ۾ ھٿ کوليون يا ٻڌون) جو مطالعو ڪرڻ فرمائيندا.(مترجم)

**و اجازه في النفل، والسبب في اختلافهم انہ قد جائت آثار ثابت نقلت فيها صفة صلاة عليہ الصلاة والسلام، ولم ينقل فيها انّہ كان يضع يده اليُمنىٰ علىٰ اليُسرىٰ و ثبت ايضاً انّ الناس كانوا يؤمرون بذلک)**[1]

نماز ۾ هڪ هٿ کي ٻئي هٿ تي رکڻ جي باري ۾ علمائن ۾ اختلاف موجود آهي. مالڪ ان کي واجب نمازن ۾ مڪروھ ۽ مستحب نمازن ۾ جائز قرار ڏنو آهي ۽ اختلاف جو سبب اُهي صحيح حديثون آهن جن ۾ رسول خدا ﷺ جن جي نماز جي ڪيفيت بيان ٿي آهي، پر انهن ۾ پاڻ سڳورن ﷺ جو نماز ۾ هٿن ٻڌڻ جو ذڪر موجود ناهي. ٻئي طرف هيءُ ثابت آهي تہ ماڻهن کي نماز ۾ هٿن ٻڌڻ جو حڪم ڏنو ويو.

ج : اهل سنت وٽ نماز ۾ هٿن جي ٻڌڻ تي سڀ کان اهم دليل صحيح بخاري ۽ صحيح مسلم جون روايتون آهن.

1 : صحيح بخاري ۾ آهي تہ : ( عن ابو حازم عن سهل بن سعد قال: كان الناس يؤمرون ان يضع الرجل اليد اليُمنىٰ

---

[1]. بداية المجتهد، ج1، ص136

علیٰ ذراعہ اليُسریٰ في الصلاة قال: ابو حازم لا اعلمہ الاّ ان يُنمیٰ ذلک الیٰ النبيﷺ )[1]

ابو حازم سهل بن سعد کان نقل کري ٿو تہ : ماڻهن کي اهو حکم ڏنو ويو تہ نماز ۾ پنهنجي ساڄي هٿ کي کاٻي هٿ جي مٿان رکن، ابو حازم چوي ٿو تہ : مون کي گمان نٿو ٿئي تہ اهو فعل پاڻ سڳورن ﷺ جن کانسواءِ کنهن ٻئي ڏانهن منسوب هجي.

نکتو: خود راوي جي لاءِ بہ روشن ناهي تہ هٿن ٻڌڻ جو حکم ڏيڻ وارو کير هو، رسول خداﷺ ، عمر يا کو ٻيو؟ جيئن تہ عيني، بخاري جي شرح ۾ لکيو تہ هيءَ حديث مرسل آهي.[2]

اهڙي طرح سيوطي جو بہ اهو ئي نظريو آهي.[3]

2 : صحيح مسلم ۾ روايت آهي تہ : (عن علقمہ بن وائل و مولیٰ لهم انّهما حدثاه عن ابيہ وائل بن حجر انہ رایٰ

---

1. صحيح بخاري، ج1، ص135

2. عمدة القاري في شرح الصحيح البخاري، ج5، ص287

3. التوشيح علیٰ الجامع الصحيح، ج1، ص463، نيل الاوطار، ج2، ص187

النبيﷺ رفع يديہ حين دخل الصلاة... ثُم وضع يده اليُمنىٰ علىٰ اليسرىٰ)[1]

علقمہ بن وائل پنھنجي غلام کان ۽ ان وائل بن حجر کان روايت ڪئي آھي تہ مون رسول خداﷺ ڏنو جڏھن پاڻ نماز پڙھڻ لڳا تہ پنھنجي ھٿن کي ڪنن تائين بلند ڪري تڪبير چيائون ان کان پوءِ ھٿن کي لڪائي ڇڏيائون ۽ پوءِ ساڄي ھٿ کي کاٻي ھٿ تي رکيائون.

ھيءَ روايت مرسل آھي ان لاءِ جو اھلسنت علقمہ جون پنھنجي پيءُ کان نقل ٿيل روايتن کي مرسل قرار ڏنو آھي. جيئن تہ ابن حجر، ابن معين کان نقل ڪري ٿو.[2]

د : اھل بيتعليهم السلام نماز ۾ ھٿن جي ٻڌڻ کان روڪيو آھي ڪڏھن (لاتفعل ذلک التفکير) ۽ ڪڏھن وري ان کي مجوسين جي فعل سان تعبير ڪيو اٿن ڪجھ جو چوڻ آھي تہ نماز ۾ ھٿن ٻڌڻ جو بنياد حضرت عمر جي زماني ۾ رکيو ويو.[3]

---

1. صحيح مسلم، ج1، ص150
2. تھذيب التھذيب، ج7، ص247، تھذيب الکمال، ج13، ص193
3. جواھر الکلام، ج11، ص19، مصباح الفقيہ، ص402

**سوال نمبر 17 : نماز تراويح ڇا آهي ۽ ڇا جي ڪري اهل سنت وارا ان کي ادا ڪرڻ لاء ايترو زور ڀريندا آهن؟**

**جواب** : رمضان المبارڪ جي مهيني جي هر رات ويهہ يا ٽيهہ رڪعتون نفل نماز پڙهڻ ۾ اهل سنت ۽ شيعن منجهہ ڪوبہ اختلاف موجود ناهي بلڪہ اختلاف انهن نفلن کي جماعت سان انجام ڏيڻ ۾ آهي تہ ڇا نفل نماز کي جماعت سان پڙهڻ جائز آهي يا نہ؟ يا هيءُ تہ رسول خداﷺ يا اصحابن منجهان ڪنهن ان کي جماعت سان پڙهيو آهي يا ان کي پاڻ سڳورن ﷺ جن کان بعد ان کي ايجاد ڪيو ويو آهي؟

صحيح بخاري جي روايت مطابق عمر ماڻهن کي ان نماز کي جماعت سان پڙهڻ جو حڪم ڏنو ۽ ان کي بدعت سان تعبير ڪيو.

( فقال عمر اني اریٰ لو جمعت هولاء علیٰ قاريء واحد لکان امثل، ثم عزم فجمعهم علیٰ ابي بن کعب ثم خرج معہ ليلة أخریٰ، والناس يصلون بصلاة قارئهم. فقال عمر: نعمت البدعة هذه ..)[1]

---

1. صحيح بخاري، ج1، ص342.

عمر چيو تہ : منهنجي نظر هيءَ آهي تہ جيكڏهن ماڻهن كي هك شخص جي امامت تي گڏ كيو وڃي تہ اهو بهتر رهندو. ان كان پوءِ ارادو كيائين ۽ ماڻهن كي ابي بن كعب جي امامت ۾ جمع كيائين.

راوي چوي ٿو تہ : ٻي رات جڏهن ٻاهر نكري ڏٺائين تہ ماڻهو جماعت سان نفل پڙهي رهيا آهن تہ چيائين هيءَ كيڏي نہ سني بدعت آهي!

قسطلاني چوي ٿو تہ : عمر نماز تراويح كي بدعت ان كري چيو جو رسول كريم ﷺ جن جي زماني ۾ اها نہ هئي ۽ نہ وري ابوبكر جي زماني ۾ پڙهي ويندي هئي.[1]

عيني جو چوڻ آهي تہ : عمر نماز تراويح كي بدعت ان كري تعبير كيو جو پاڻ سڳورن ﷺ جن جي زماني ۾ نہ هئي ۽ نہ وري ابوبكر جي زماني ۾ هئي.[2]

قلقشندي جو چوڻ آهي تہ : سڀ كان پهريون شخص عمر هو جنهن سن چوڏنهن هجريءَ ۾ نماز نفل كي جماعت سان پڙهڻ جو حكم ڏنو.[3]

---

1. ارشاد الساري في شرح الصحيح البخاري، ج4، ص656
2. عمدة القاري في شرح الصحيح البخاري، ج11، ص126
3. ماثر الانافة في معالم الخلافة، ج2، ص337

اها آهي نماز تراويح جي حقيقت جنهن کي اهلسنت جي معتبر ڪتابن مان بيان ڪيو ويو. باقي رهيو سوال ان جي پڙهڻ تي زور ڀرڻ وارو تہ ان جو جواب پاڻ **اهل سنت** وارا ڏيئي سگهن ٿا تہ اهڙو **عمل** جنهن کي عمر پاڻ **بدعت** چئي رهيو آهي ان تي ايڏو سختي سان پابند هجڻ جو ڇا سبب آهي؟

**سوال نمبر 18 : ڇا بدعت کي سُنّي ۽ خراب ٻن قسمن ۾ تقسيم ڪري سگهجي ٿو ۽ سُنّي بدعت مان ڇا مراد آهي؟**

جواب : حديثن ۾ بيان ٿيو آهي تہ : ( **كل بدعة ضلالة وكل ضلالة في النار** ) هر طرح جي بدعت گمراهي آهي ۽ هر گمراهي جو رستو جهنم آهي. ان بنياد تي بدعت کي ڀلي ۽ بُري ۾ تقسيم ڪرڻ رسول خدا ﷺ جن جي حديثن جي واضح طور مخالفت ڪرڻ آهي. اهوئي سبب آهي تہ اهلسنت جي تمام گهڻي قابليت رکڻ وارن علمائن بدعت جي تقسيم جي مخالفت ڪئي آهي جن ۾ شاطبيؒ ابن رجب حنبلي ۽ غامدي محقق معاصر آهن. اهي پنهنجي ڪتاب ( **حقيقة البدعة واحكامها** ) ۾ لکن ٿا تہ : ( **القول بحسن بعض البدع مناقض للادلة الشرعية الواردة في ذم عموم البدع. ذلک ان النصوص الذامة للبدعة والمحذرة منها**

**جائت مطلقة عامة وعلیٰ كثرتها لم يرد فيها استثناء البتة ولم يات فيها مايقتضي انّ فيها ماهو حسن مقبول عندالله ... علیٰ انّ القاعدة الكلّية في ذمّ البدع لايمكن ان يخرج عن اقتضاها فرد من الافرد )**[1]

سٺي بدعت وارو نظريو انهن شرعي دليلن جي مخالف آهي جن ۾ عام طور بدعت جي مذمت ڪئي ويئي آهي. ان ڪري بدعت جي مذمت بيان ڪرڻ واريون حديثون عام ۽ مطلق آهن (عام ۽ مطلق مان مراد اُهي روايتون آهن جن ۾ ڪنهن بہ قسم جي ڪا قيد و بند لڳل نہ هجي مثال طور روايت ۾ چيو وڃي سُٺي بدعت گمراهي جو سبب نہ ٿي بڻجي ۽ خراب بدعت گمراهي جو سبب بڻجي ٿي) (مترجم) ۽ گهٽائي جي ڪري انهن ۾ جدائي (استثنیٰ) بہ ممڪن ناهي. ۽ نہ وري انهن روايتن ۾ ڪا اهڙي روايت بيان ٿي آهي جيڪا اهو بيان ڪري رهي هجي تہ بدعت جو هڪ قسم سُٺو آهي جنهن کي الله پاڪ پسند ڪري ٿو.... ان ڪلي قاعدي جي بنياد تي ان مان ڪنهن هڪ فرد کي مستثنیٰ(عليحده) قرار ڏيڻ ممڪن ناهي.

---

1. حقيقة البدعة واحكامها، ج1، ص138

**سوال نمبر 19 : أهي روايتون جن ۾ بيان ٿيو آهي تہ حضرت عليؑجن نماز تراويح پڙهندا هئا يا ان جي لاۂ امام مقرر ڪندا هئا، انهن کي نماز تراويح جي بدعت هجڻ وارين روايتن سان ڪيئن گڏائي سگهجي ٿو؟**

**جواب** : شيعن جي نزديڪ اهڙي عمل جي نسبت حضرت عليؑ جي طرف ڏيڻ نِسورو ( ڇٽو ۽ پڌرو ) ڪوڙ آهي. اهڙي طرح اهلسنت جي نزديڪ بہ اهو ثابت ناهي تہ حضرت عليؑ نماز تراويح جماعت سان پڙهي هجي. جيئن بيهقي ان سلسلي ۾ چار يا پنج روايتون ذڪر ڪيون آهن، ۽ هڪ هڪ ڪري سيني کي ضعيف ثابت ڪيو اٿس. تنهن ڪري تحقيق ڪان پوۂ هيءَ ڳالهہ ثابت ٿي چُڪي آهي تہ انهن سيني روايتن ۾ ڪنهن بہ روايت جي سند صحيح ناهي.

ان ڪانسواۂ هيءَ بہ ڳالهہ ثابت ناهي تہ خود حضرت عمر بہ نماز تراويح پڙهي هجي ۽ عبدالله بن عمر تہ سختي سان ان جي پڙهڻ ڪان روڪيندو هو. اهڙي طرح حضرت عليؑ بہ پنهنجي خلافت جي دور ۾ انهيءَ (نماز تراويح) ڪان روڪيو آهي.

**(لمّا كان امير المومنين بالكوفة اتاه الناس فقالوا لہ اجعل لنا اماما يومنا في رمضان فقال لهم : لا و نهاهم ان يجتمعوا فيہ، فلمّا امسوا جعلوا، يقولون ابكوا رمضان وا رمضانا...!** [1]

جڏهن حضرت عليؑ كوفي ۾ هئا تہ كجھ ماڻهو سندن خدمت مبارڪ ۾ حاضر ٿيا ۽ نماز تراويح جي لاءِ پيش امامَ جي درخواست كيائون تہ حضرت امير المؤمنين عليؑ انهن كي ناكاري ۾ جواب ڏنو ۽ نماز تراويح ادا كرڻ لاءِ گڏ ٿيڻ كان روكيو. جڏهن رات ٿي تہ ماڻهو هكبئي كي چوڻ لڳا رمضان تي گريو كريو وا رمضانا...!

**سوال نمبر 20 : ڇا هيءُ جملو (الصلاة خير من النوم) شروع كان ئي آذان ۾ موجود هو يا بعد ۾ وڌايو ويو آهي؟**

**جواب:** جڏهن حكم آذان آيو تہ هيءُ جملو آذان ۾ موجود نہ هو ۽ بعد ۾ اضافو كيو ويو آهي.

**الف:** آذان جي باري ۾ صحيح روايت جنهن كي اهلسنت وارا نقل كن ٿا اها روايت محمد بن اسحاق جي آهي انهيءَ ۾ اهو جملو موجود ناهي.

---

[1]. سرائر، ج3، ص639

ب: سعيد بن مسيب واضح طور تي چيو آهي تہ : ( **ادخلت هذه الكلمة في صلاة الفجر** ) هيءُ جملو صبح جي آذان ۾ مون داخل ڪيو آهي.[1]

ج : امام مالڪ پنهنجي ڪتاب ۾ واضح طور لکيو آهي تہ هيءُ جملو عمر بن خطاب جي حڪم سان صبح جي آذان ۾ داخل ڪيو ويو.

**( عن مالک : انہ بلغہ ان الموذن جاء الیٰ عمر بن الخطاب یوذنہ لصلاة الصبح ، فوجده نائما فقال : الصلاة خير من النوم فامره عمر ان يجعلها في نداء الصبح )** [2]

مالڪ بن انس کان نقل ٿيو آهي تہ : هڪ رات مؤذن حضرت عمر وٽ آيو تہ جيئن صبح جي نماز جي خبر ڏئي ڏنائين تہ هو ستو پيو آهي تنهن ڪري آواز ڏنائين تہ (**الصلاة خير من النوم** ) نماز ننڊ کان بهتر آهي. انهي تي عمر هيءُ حڪم ڏئي ڇڏيو تہ ان جملي کي صبح جي آذان ۾ داخل ڪيو وڃي.

د : امام شافعي ان کي مڪروه ۽ هڪ قول جي مطابق بدعت قرار ڏنو آهي.

---

[1]. نيل الاوطار، ج2، ص37

[2]. موطا امام مالڪ، ج1، ص72

شوڪاني چوي ٿو تہ : (**لو كان لما انكره علىٰ وابن عمر وطاؤوس** ) جيڪڏهن هي جملو آذان ۾ داخل هجي ها تہ حضرت علي عليه السلام ، عبدالله بن عمر ۽ طاؤوس ان جو انڪار نہ ڪن ها.[1]

**هہ** : ابن جريج جو چوڻ آهي تہ : عمر بن حفص اهو پهريون شخص آهي جنهن عمر جي خلافت ۾ پهريون ڀيرو ان جملي کي آذان ۾ داخل ڪيو.[2]

**د** : ابن حزم چوي ٿو تہ : ( **لا نقول بهذا الصلاة خير من النوم لانہ لم يات عن رسول الله** صلى الله عليه وآله وسلم )[3]

اسان هيءُ جملو آذان ۾ نہ پڙهندا آهيون ان لاءِ تہ اهو رسول خدا صلى الله عليه وآله وسلم کان نقل ناهي ٿيو!

---

1. نيل الاوطار، ج2، ص38.
2. مصنف عبدالرزاق، ج1، ص474.
3. المحلیٰ، ج3، ص160.

**سوال نمبر 21 : ڇا هيءُ جملو ( حي علیٰ خيرالعمل ) آذان جو حصو آهي ۽ ان کي اصحابن ۽ تابعين منجهان ڪنهن پڙهيو آهي؟**

جواب : صحيح روايت جي مطابق عبدالله بن عمر ۽ ابو امامہ بن سهل بن حنيف ( هن جملي کي آذان منجهان حذف ڪرڻ کان بعد) بہ پڙهندا هئا.[1]

بيهقي امام زين العابدينؑ کان روايت نقل ڪئي آهي تہ پاڻ آذان ۾ اهو جملو پڙهندا هئا ۽ پهرين آذان اها ئي هئي.[2]

اهڙي طرح زيد بن ارقم حسن بن يحيیٰ بن جعد ۽ هڪ قول جي مطابق شافعي بہ هيءُ جملو(**حيّ علیٰ خير العمل**) آذان ۾ پڙهندا هئا.[3]

**والسّلام علیٰ من اتبع الهدیٰ**

---

1. المحلیٰ ، ج3، ص160.
2. السنن الڪبریٰ، ج1، ص624.
3. نيل الاوطار، ج2، ص39.

# ابوطالب(ع) انٽرنيشنل اسلامڪ انسٽيٽيوٽ جا مقصد

1 : محمد و آل محمدعليهم السلام جي تعليمات کي ڦهلائڻ ۽ ڪتاب ڇپائڻ.

2 : مبلّغن جي تربيت ڪرڻ.

3 : دين اسلام ۽ حق جي مذهب تي ٿيڻ وارن اعتراضن جا جواب ڏيڻ.

4 : تحقيق ۽ ترجمي ڪرڻ جو طريقو سيکارڻ.

5 : غريب مؤمنن جي مدد ڪرڻ.

## ابوطالب (ع) اسلامک انسٹیٹیوٹ کے تحقیقی آثار

۱۔ الصواعق الالھیۃ فی الردّ علی الوھابیۃ ۲۔ وہابی افکار کا ردّ (اردو۔ سندھی)

۳۔ سلف اور سلفی ۴۔ وہابیت عقل و شریعت کی نگاہ میں

۵۔ ردّ الشبہات (اردو۔ سندھی) ۶۔ شیعہ وہابی مناظرہ

۷۔ شیعیان علیؑ کا مقام (اہل سنت کی نظر میں)

۸۔ حضرت علیؑ اور ان کے شیعہ (قرآن کی نظر میں)

۹۔ مذہب شیعہ پر ہونے والے اعتراضات کے جوابات (اردو۔ سندھی)

۱۰۔ ندائے ولایت (اشھد انّ علیاً ولی اللہ) ۱۱۔ نماز تراویح سنت یا بدعت

۱۲۔ نماز میں ہاتھ کھولیں یا باندھیں (اردو۔ سندھی)

۱۳۔ نظریہ عدالت صحابہ (قرآن و سنت کی روشنی میں)

۱۴۔ گریہ و عزاداری (قرآن و سنت اور صحابہ کرام کی سیرت کی روشنی میں)

۱۵۔ آگ اور خانہ زہرا سلام اللہ علیھا ۱۶۔ شرح چہل حدیث امام مہدی علیہ السلام

۱۷۔ القول الاظھر فی مناقب الصدیق الاکبر

۱۸۔ گنہگار عورتیں ۱۹۔ ہدیۃ المتقین (۱)

۲۰۔ امام مہدیؑ اور عصر غیبت ۲۱۔ ترجمہ اعمال ماہ رمضان المبارک

۲۲۔ عقد ام کلثوم